القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

ٻير شريف

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ
۽ ڄاڻو تہ جنگ مان جو ڪٽيو اٿو ڪجهہ پوءِ الله لاءِ آهي ان جو پنجون حصو ۽ رسول لاءِ
۽ ڄاڻو تہ جيڪو مال (غنيمت ڪافرن کان) اوهان جي هٿ ۾ آيو تنهن جو پنجون حصو الله ۽ پيغمبر ۽

وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ اِنْ
۽ مائٽي واري ۽ يتيمن ۽ غريبن ۽ مسافرن لاءِ جيڪڏهن
(پيغمبر جي) عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي. جيڪڏهن اوهان الله

كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا يَوْمَ الْفُرْقَانِ
ايمان رکو ٿا الله تي ۽ ان تي جيڪي نازل ڪيو سين پنهنجي ٻانهي تي فيصلي واري ڏينهن
کي مڃيو آهي ۽ (پڻ) جيڪو (قرآن) پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي فيصلي جي ڏينهن جنهن ڏينهن ٻئي ٽوليون

يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۗ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤١﴾ اِذْ اَنْتُمْ
جنهن ڏينهن ٽڪريا ٻئي لشڪر، ۽ الله هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ آهي. جڏهن توهان هئا
پاڻ ۾ (مد) مقابل ٿيون نازل ڪيوسون (تنهن تي يقين رکندا آهيو تہ ان حڪم تي عمل ڪريو)، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ
طرف ويجهي سان ۽ اهي هئا طرف پرئين سان ۽ قافلو هيٺ هئو
(اهو اهو وقت هو) جنهن مهل اوهين اورينءَ پر ۽ هو پرينءَ پر هئا ۽ (قافلي جا) سوار اوهان کان هيٺينءَ پر هئا.

مِنْكُمْ ۗ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي الْمِيْعٰدِ ۙ وَلٰكِنْ لِّيَقْضِيَ
توهان کان، ۽ جيڪڏهن هڪ ٻئي سان وعدو ڪريو ها تہ ٻہ اڳي پوءِ ٿي وڃو ها وعدي ۾، پر پورو ڪرڻو هئو
۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ (مقابلي لاءِ) انجام ڪريو ها تہ ضرور ان انجام ۾ بر خلاف ٿيو ها. پر هن لاءِ تہ جيڪو ڪم الله کي ڪرڻو هو

اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۙ لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ وَّ
الله کي اهو ڪم جو ٿئي ٿيل هئو، جيئن مري ڪوئي تہ مري پڌرائي سان ۽
سو پورو ڪري (تہ حق پڌرو ٿئي ۽) هن لاءِ تہ جيڪو هلاڪ (گمراه) ٿئي سو چٽائيءَ کان پوءِ مري تہ هلاڪ ٿئي ۽

يَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٤٢﴾ ۙ اِذْ
بچي ڪوئي تہ بچي پڌرائي سان، ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جڏهن
جيڪو جيئرو ٿئي (يعني حق کي ٻروڙي) سو چٽائيءَ کان پوءِ پڻ تہ جيئرو رهي، ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.(ياد ڪريو) جنهن مهل

يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ فِيْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا ۗ وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَ
ڏيکاري پيو توکي اهي الله خواب ۾ ٿورا ڪري، ۽ جيڪڏهن ڏيکاري ها توکي اهي گهڻا ڪري تہ سست ٿيو ها ۽
الله تنهنجي خواب ۾ توکي اهي (ڪافر) ٿورا ڏيکاريا، ۽ جيڪڏهن توکي اهي گهڻا ڏيکاري ها تہ ضرور بي همت ٿيو ها ۽

لَتَنَازَعْتُمْ فِي الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ

اختلاف ڪريو ها ڪم ڪرڻ ۾ پر الله بچاءُ ڪيو. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي دلين جي

ضرور (اُن) ڪم ۾ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪريو ها پر الله (اُن تڪرار کان اوهان کي) بچايو، ڇو تہ اُهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي.

الصُّدُوْرِ ۝٤٣ وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ الْتَقَيْتُمْ فِيْٓ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا

راز کي. ۽ ياد ڪر جڏهن ڏيکاريائين توهان کي اهي مقابلي مهل توهان جي نظرن ۾ ٿورا ڪري

۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهين هڪ ٻئي جي سامهون ٿيو تڏهن (الله) اوهان جي اکين ۾ اُهي ٿورڙا ڪري ڏيکاريا ٿي

وَّيُقَلِّلُكُمْ فِيْٓ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ؕ وَ

۽ توهان کي ٿورڙو ڪيائين انهن جي اکين ۾ جيئن پورو ڪري الله اهو ڪم جو ڪرڻو هئو. ۽

۽ اُنهن (ڪافرن) جي نگاهن ۾ اوهان کي ٿورڙا ڪري ڏيکاريائين ٿي هن لاءِ تہ الله اُهو ڪم پورو ڪري جيڪو ڪرڻو هو ۽

اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ۝٤٤ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً ع ٤ ٦

الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا سڀ ڪم. اي ايمان وارو! جڏهن سامهون ٿيو ڪنهن جٿي سان

الله ڏانهن (سڀ) ڪم موٽايا ويندا. اي ايمان وارو! جڏهن ڪنهن (ڪافر) ٽوليءَ سان (جنگ ۾) مقابلو ڪريو

فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝٤٥ ج وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ

تہ پڪا ٿي بيهو ۽ سنڀاليو الله کي گهڻو تہ جيئن فتح پايو. ۽ چيو مڃيو الله

تڏهن ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ مَنَ اوهين ڪامياب ٿيو. ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي

وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ؕ

۽ ان جي رسول جو ۽ اختلاف نہ ڪريو پوءِ سُست ٿيندؤ ۽ هلي ويندي توهان جي طاقت ۽ صبر ڪريو.

فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ تڪرار نہ ڪريو نہ تہ ڪمزور ٿيندؤ ۽ اوهان جي (اتفاق جي) هوا هلي ويندي ۽ صبر ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ۝٤٦ ج وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ

بيشڪ الله ساڻ آهي صبر وارن سان. ۽ نہ ٿِجو انهن وانگر جيڪي نڪتا هئا پنهنجن

ڇو تہ الله صابرن ساڻ آهي. ۽ اوهين اُنهن (بدر وارن ڪافرن) وانگر نہ ٿيو جيڪي پنهنجن

دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ

گهرن مان آڪڙ ڪري ۽ ماڻهن جي ڏيکاءُ لاءِ ۽ روڪين پيا الله جي راهہ کان.

ديسن مان لاڏ سان ۽ ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ نڪتا ۽ الله جي واٽ کان جهلڻ لڳا.

وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ۝٤٧ وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ

۽ الله سندن عملن تي گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ ياد ڪر جڏهن سينگاريو انهن لاءِ شيطان

۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي. ۽ جڏهن شيطان سندن ڪرتوت اُنهن لاءِ سينگاريا

أَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَإِنِّي

سندن ڪمن کي ۽ چيائين ناهي زور ٿيندڙ توهان تي اڄ ڪوئي ماڻهو ۽ مون

۽ (ڪافرن کي) چيائين ته اڄ ماڻهن مان ڪو به اوهان تي غالب (ٿيڻو) نه آهي ۽ بيشڪ آءٌ اوهان جو پرچهلو

جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَاءَتِ الْفِئَتَانِ نَكَصَ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ وَقَالَ

طرف آهيان توهان جو پوءِ جڏهن سامهون آيون ٻئي فوجون ته ڦريو پنهنجي ڪڙين تي ۽ چيائين

آهيان. پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا تڏهن (شيطان) پنهنجين ڪڙين (ڀر پوءِ) تي ڀڳو ۽ چيائين

إِنِّي بَرِيءٌ مِّنكُمْ إِنِّي أَرَىٰ مَا لَا تَرَوْنَ إِنِّي أَخَافُ اللَّهَ ۚ

آءٌ بالڪل بيزار آهيان توهان کان ۾ مان ڏسان ٿو اهو جيڪي اوهان نه ٿا ڏسو آءٌ ڊڄان ٿو الله کان.

ته آءٌ اوهان کان بيزار آهيان جيڪي اوهين نٿا ڏسو سو آءٌ ڏسان ٿو آءٌ الله کان ڊڄان ٿو.

وَاللَّهُ شَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿٤٨﴾ ع إِذْ يَقُولُ الْمُنَافِقُونَ وَالَّذِينَ

۽ الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي. ياد ڪر جڏهن چون پيا منافق ۽ جن جي

۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي. (اهو وقت ياد ڪريو) جنهن مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري هئي تن چيو

فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ غَرَّ هَٰؤُلَاءِ دِينُهُمْ ۗ وَمَن يَتَوَكَّلْ

دلين ۾ مرض هئو ته ڌوڪو ڏنو آهي انهن کي دين انهن جي، ۽ جيڪو ڀروسو ڪندو

ته هنن (مسلمانن) کي سندن دين ٺڳيو آهي، ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو آهي ته بيشڪ

عَلَى اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٤٩﴾ وَلَوْ تَرَىٰ إِذْ يَتَوَفَّى الَّذِينَ

الله تي ته بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ۽ جي ڏسين ها جڏهن جو ماريندا انهن

الله غالب حڪمت وارو آهي. (اي ڏسندڙ!) جيڪڏهن (انهيءَ مهل) ڏسين جنهن مهل ملائڪ ڪافرن جو

كَفَرُوا ۙ الْمَلَائِكَةُ يَضْرِبُونَ وُجُوهَهُمْ وَأَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوقُوا

ڪافرن کي ملائڪ ڌڪ هڻندا انهن جي مُنهن تي ۽ انهن جي پُٺين تي، ۽ چوندن چکو

ساهه ڪيندا آهن ۽ سندن منهن ۽ پٺين کي سٽيندا ڪُٽيندا آهن (ته عجب ڪرين!) ۽ (چوندا اٿن ته هاڻي)

عَذَابَ الْحَرِيقِ ﴿٥٠﴾ ذَٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيكُمْ وَأَنَّ اللَّهَ لَيْسَ

عذاب باهه جو. اها سزا آهي ان جي جيڪو موڪليو توهان جي هٿن ۽ بيشڪ الله ناهي

ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو! اهو هن سببان آهي جو جيڪي اوهان جي هٿن اڳي موڪليو آهي. ۽ يقينن الله

بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ ﴿٥١﴾ كَدَأْبِ آلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ ۚ

ظلم ڪندڙ ٻانهن تي. جئن حال ٿيو فرعون وارن جو ۽ جيڪي انهن کان اڳ هئا.

ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي. (انهن جو حال) فرعونين ۽ انهن جهڙو آهي جيڪي کانئن اڳ هئا

كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ

انڪار ڪيائون الله جي آيتن جو پوءِ پڪڙيو انهن کي الله سندن گناهن جي ڪري، بيشڪ الله سگهارو آهي

(جو) الله جي آيتن کي نہ مڃيائون پوءِ الله سندن گناهن سببان کين پڪڙيو، ڇو تہ الله سگهارو سخت

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۵۲﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً

سخت عذاب ڪندڙ آهي. اهو هن ڪري جو هرگز الله ناهي ڦيرائيندڙ ڪا نعمت

سزا ڏيندڙ آهي. اِهو هن ڪري جو الله، جا نعمت ڪنهن قوم کي عطا ڪندو آهي تنهن کي، (اهو) ايستائين

اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ

جا ڪيائين ڪنهن قوم تي جيسين اهي نہ ڦيرائين جا انهن وٽ آهي ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ

ڪڏهن نہ مٽائيندو آهي جيستائين جيڪي سندين دلين ۾ آهي سو (پاڻ نہ) مٽائيندا آهن ۽ الله ٻڌندڙ

عَلِيْمٌ ﴿۵۳﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا

ڄاڻندڙ آهي. جيئن حال ٿيو فرعون وارن جو. ۽ انهن کان اڳين جو. انهن ڪوڙو ڪيو

ڄاڻندڙ آهي. (انهن جو حال) فرعونين ۽ پڻ جيڪي ڪانئن اڳ هئا تن جهڙو آهي، (جو) پنهنجي پالڻهار جي آيتن

بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ

پنهنجي رب جي آيتن کي پوءِ هلاڪ ڪيوسون انهن کي سندن گناهن جي ڪري ۽ ٻوڙيوسون فرعون وارن کي.

کي ڪوڙ ڄاتائون تنهن ڪري انهن کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ فرعونين کي ٻوڙيوسون.

وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿۵۴﴾ اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ

۽ سڀ هئا ظلم ڪندڙ. بيشڪ تمام بڇڙا جانورن ۾ الله وٽ اهي آهن جي

۽ مڙئي ظالم هئا. (ڌرتيءَ تي چرندڙ) ساهدارن مان (سڀ کان) بڇڙا الله وٽ، ڪافر آهن

كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۵﴾ اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ

منڪر ٿيا پوءِ اهي نہ ٿا ايمان آڻين. اهي جن سان تو عهد نامو ڪيو انهن مان پوءِ ڀڃن ٿا

جو اُهي ايمان نہ ٿا آڻين. انهن مان جن سان (صلح جو) انجام ڪيو اٿيئي سي وري

عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ

وعدو پنهنجو هر ڀيري ۾ ۽ اهي نہ ٿا ڊڄن. پوءِ جيڪڏهن تون پڪڙين انهن کي

هر ڀيري انجام ڀڃندا آهن ۽ اهي نہ ڊڄندا آهن. پوءِ جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ کين لهين تہ

فِى الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۵۷﴾

جنگ ۾ پوءِ ڀوڙ وجهہ سندن پوين ۾ انهن سان جيئن اهي ياد ڪن.

اهڙي سزا ڏين جو (ڪين ڏسي) جيڪي سندن پوئتان هجن تن کي ڀڄائين تہ مَن اُهي ياد ڪن.

وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْۢبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى

۽ جيڪڏهن توکي خطرو ٿئي ڪنهن قوم کان ڦيٽ جو پوءِ اڇل انهن ڏانهن واعدو

۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم جي (معاهدي ڀڃڻ جي) خيانت ڪان ڊڄين ته انهن ڏانهن (سندن معاهدي پوري ٿيڻ مهل) سڌو سنئون بيزاريءَ جو

سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِيْنَ ۝٥٨ ع وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

سڌو سنئون، بيشڪ الله نه تو پسند ڪري دغابازن کي. ۽ هرگز نه سمجهن ڪافر

اطلاع موڪل، ڇو ته الله خيانت ڪندڙن کي دوست نه رکندو آهي. ۽ ڪافر (ائين) نه ڀائين ته (کو) اڳ ڪڍائي ويا،

سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ۝٥٩ وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ

ته وڌي ويا، يقينا اهي ٿڪائي نه سگهندا. ۽ تيار ڪريو انهن لاءِ پنهنجي وس آهر

پڪ اهي نه ٿڪائي سگهندا. ۽ انهن لاءِ (لڙائي جي هٿيارن جي) سگهه مان

مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمْ

فوجي طاقت ۽ سرحد بندي جو هيسايو انهيءَ سان دشمن الله جي کي ۽ دشمن پنهنجي کي

۽ گهوڙن جي تيار رکڻ مان جيڪي ٿي سگهيوَ سو الله جي ويرين ۽ پنهنجي ويرين کي دهشت ڏيڻ لاءِ تيار رکو

وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَمَا

۽ ٻين کي به انهن کان سواءِ، جو نه تا ڄاڻو توهان انهن کي، الله ڄاڻي ٿو انهن کي، ۽ جيڪي

۽ انهن کان سواءِ ٻيءَ قوم کي (به)، ڪين توهان نه ڄاڻندا آهيو. انهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي

تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ

خرچيو ٿا ڪنهن شيءِ مان الله جي راهه ۾ پورو ملندو توهان کي ۽ توهان سان

ڪنهن شيءِ مان الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندؤ سو اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان کي (گهٽ ڏئي)

لَا تُظْلَمُوْنَ ۝٦٠ وَاِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ

نه ظلم ڪيو ويندو. ۽ جيڪڏهن ڪافر لاڙو ڪن صُلح لاءِ ته تون به لاڙو ڪر ان لاءِ ۽ رک

ظلم نه ڪبو. ۽ جيڪڏهن صلح لاءِ لاڙو ڪن ته (تون به) ان ڏانهن لاڙو ڪر ۽ الله تي ڀروسو ڪر.

عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٦١ وَاِنْ يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ

الله تي، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن گهرن ٿا توکي ڌوکو ڏيڻ

ڇو ته اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن توکي دوکي ڏيڻ جو ارادو ڪن ٿا

فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِيْٓ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ ۝٦٢ لا

ته ڪافي آهي توکي الله، اهوئي آهي جنهن طاقت ڏني توکي پنهنجي مدد سان ۽ مسلمانن سان.

ته يقينن تولاءِ الله ڪافي آهي، ۽ اهو ئي آهي جنهن توکي پنهنجي مدد ۽ مومنن سان سگهه ڏني.

وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا

۽ محبت وڌائين انهن جي دلين ۾ جيڪڏهن تون خرچ ڪرين ها جيڪي زمين ۾ آهي سمورو

۽ انهن (مؤمنن) جي دلين کي جوڙيائين. جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙيئي جيڪڏهن تون خرچين ها

مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ

ته نه جوڙي سگهين ها انهن جون دليون پر الله الفت وڌي انهن جي وچ ۾ بيشڪ اهو زبردست

ته سندن دلين کي جوڙي نه سگهين ها! پر الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏنو، ڇو ته اهو غالب

حَكِيْمٌ ﴿٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٤﴾ ع

حڪمت وارو آهي. اي نبي! ڪافي آهي تولاءِ الله ۽ جيڪي تنهنجا تابعدار آهن مومن.

حڪمت وارو آهي. اي پيغمبر! توکي الله ۽ پڻ مؤمنن مان جن تنهنجي تابعداري ڪئي سي ڪافي آهن.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ

اي نبي! پڙڪاءِ مسلمانن کي جنگ تي جيڪڏهن هوندا توهان مان

اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائيءَ تي همٿاءِ، جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا ويهه

عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ

ويهه ثابت قدم ته زور ٿيندا ٻن سون ڪان، ۽ جيڪڏهن هوندا توهان مان

(ڄڻا) آهن ته ٻن سون تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان سئو (ڄڻا)

مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾

هڪ سؤ ته زور ٿيندا هزار ڪافرن ڪان ڇو ته اها قوم بي سمجهه آهي.

آهن ته هزار ڪافرن تي غالب ٿيندا هن ڪري جو اها اهڙي قوم آهي جا نه سمجهندي آهي.

اَلْئٰنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ

هينئر هلڪائي ڪئي الله توهان تان ۽ ڄاتائين ته توهان ۾ ڪمزوري آهي، پوءِ جيڪڏهن هوندا

هاڻي الله اوهان تان بار هلڪو ڪيو ۽ اوهان ۾ ڪمزوري معلوم ڪيائين، تنهن ڪري جيڪڏهن

مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ

توهان مان هڪ سؤ ثابت قدم ته زور ٿيندا ٻن سون ڪان، ۽ جيڪڏهن هوندا توهان مان

اوهان مان صبر وارا سئو (ڄڻا) هوندا ته ٻن سون تي غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن اوهان مان

اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٦٦﴾

هزار ته زور ٿيندا ٻن هزارن ڪان الله جي اذن سان، ۽ الله گڏ آهي مضبوط ماڻهن سان.

هزار هوندا ته ٻن هزارن تي الله جي حڪم سان غالب ٿيندا، ۽ الله صابرن ساڻ آهي.

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِي الْاَرْضِ ؕ
ناهي كنهن نبيءَ لاءِ جو هجن ان وٽ قيدي تہ رتوڇاڻ نہ ڪري ڌرتيءَ تي،
پيغمبر کي نہ جڳائيندو آهي جو (ڪافرن کي) قيد ۾ رکي (بلڪ کين قتل ڪري) ايتري تائين جو ملڪ ۾
تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ
توهان گهرو ٿا مال دنيا جو، ۽ الله گهري ٿو آخرت، ۽ الله
(ڪافرن جي عام) خونريزي ڪري، (اوهين) دنيا جو سامان گهرندا آهيو ۽ الله آخرت (جو ثواب ڏيڻ) گهرندو آهي ۽ الله غالب
عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٧﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ
زبردست آهي داناءُ آهي. جيڪڏهن نہ هجي ها لکيو الله جو اڳ ۾ تہ پهچي ها توهان کي انهيءَ
حڪمت وارو آهي. جيڪڏهن (توهان کي عذاب نہ ڪرڻ تقدير ۾) اڳيئي نہ لکي ها تہ (جيڪر) اوهان جيڪي (فديو) ورتو
اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖؗ
وٺڻ ۾ عذاب وڏو. پوءِ کائو جو مال غنيمت ڪيو اٿوَ حلال پاڪ سمجهي
تنهن ۾ اوهان کي ضرور وڏو عذاب پهچي ها. پوءِ جيڪي اوهان مال غنيمت مان حاصل ڪريو سو پاڪ حلال (ڄاڻي) کائو
وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ
۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله غفور رحيم آهي. اي نبي! چؤ
۽ الله کان ڊڄو، ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي پيغمبر! قيدين مان جيڪي
لِّمَنْ فِيْٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ
انهن کي جيڪي توهان جي هٿن ۾ آهن ڪجهہ قيدي، جيڪڏهن ڄاڻندو الله توهان جي دلين ۾
اوهان جي هٿن ۾ آهن تن کي چئو تہ جيڪڏهن الله اوهان جي دلين ۾ ڪا چڱائي ڄاڻي
خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ
ڪا چڱائي تہ ڏيندو توهان کي وڌيڪ ڀلو ان کان جيڪي ورتو ويو توهان کان ۽ بخشيندو توهان کي، ۽ الله
تہ جيڪي اوهان کان ورتو ويو تنهن کان چڱو اوهان کي ڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو. ۽ الله
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ
بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن ارادو ڪن ٿا توسان دغا ڪرڻ جو تہ بيشڪ انهن دغا ڪئي هئي الله سان
بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن توسان خيانت ڪرڻ گهرندا تہ بيشڪ الله سان اڳ (بہ) خيانت
مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
اڳ ۾ پوءِ پڪڙايائين انهن کي، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي داناءُ آهي. بيشڪ جن ماڻهن
ڪئي هئائون پوءِ (اوهان کي) انهن تي سگهارو ڪيائين ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ

ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ وڙهيا پنهنجي مالن ۽ جانين سميت الله جي راهه ۾

جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو

اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ

۽ جن ماڻهن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اهي ئي هڪ ٻئي جا دوست آهن،

۽ جن جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اِهي هڪ ٻئي جا دوست آهن، ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت نہ ڪئي

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ

۽ جن ايمان آندو ۽ گهر نہ ڇڏيا ناهي توهان لاءِ انهن جي دوستيءَ مان ڪو

تن جي دوستي مان اوهان کي ايستائين ڪجهہ بہ (فائدو) نہ آهي جيستائين هجرت (نہ) ڪن

شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ

فائدو جيستائين اهي هجرت ڪن، ۽ جيڪڏهن اهي مدد گهرن توهان کان دين ۾

۽ جيڪڏهن دين (جي ڪم) ۾ اوهان کان مدد گهرن تہ اوهان کي اُنهيءَ قوم کان سواءِ ٻيءَ قوم تي

فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

تہ ضروري آهي توهان تي مدد ڪرڻ مگر اهڙي قوم جي خلاف نہ، جو توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ عهدنامو آهي، ۽ الله توهان جي

مدد ڏيڻ لازم آهي، جن جو اوهان جي ۽ اُنهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هجي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٧٢) وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ

عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو اهي دوست آهن هڪ ٻئي جا.

۽ جيڪي ڪافر آهن تن مان هڪڙا ٻين جا سنگتي آهن. پر (اي مسلمانو!) جيڪڏهن

اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ؕ (٧٣) وَ

۽ جيڪڏهن اُئين نہ ڪندؤ تہ پوندو فتنو ملڪ ۾ ۽ ڏاڍيڙ وڏو. ۽

اوهين اها (ڳالهہ) نہ ڪندؤ تہ ملڪ ۾ فتنو ۽ وڏو فساد ٿيندو. ۽ جن ايمان آندو

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ

جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيو الله جي راهه ۾ ۽ جن انهن کي

۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن (هجرت ڪندڙن کي) جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي

اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ

جڳهہ ڏني ۽ مدد ڪئي اُهي ئي مسلمان آهن سچا، انهن لاءِ بخشش آهي ۽

اهي ئي پڪا مومن آهن، اُنهن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي.

رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٤﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا
روزي عزت واري. ۽ جن ايمان آندو انهن کان پوءِ ۽ هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيائون
۽ جن (انهن کان) پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ اوهان سان گڏ جهاد ڪيو سي ته
مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ ؕ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ
توهان سان گڏجي پوءِ اهي ته توهان مان آهن ۽ مائٽي وارا زياده حقدار آهن هڪ ٻئي جا
اوهان مان آهن. ۽ مائٽي وارا الله جي حڪم موجب (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن.
فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٥﴾ ع
الله جي ڪتاب ۾. بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.
ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

اٰيَاتُهَا ١٢٩ — سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ — رُكُوْعَاتُهَا ١٦

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١﴾ ؕ
بيزاري آهي الله ۽ سندس رسول جي انهن کان جن سان معاهدو ڪيو اٿوَ يعني مشرڪن کان.
جن مشرڪن سان اوهان معاهدو ڪيو تن ڏانهن الله ۽ سندس پيغمبر جي پارکان (معاهدي کان) دستبرداري (جو اعلان) آهي.
فَسِيْحُوْا فِى الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ
(ڇئون) ته گهمو ملڪ ۾ چار مهينا ۽ ڄاڻو ته توهان ناهيو
(اي مشرڪو! مسلمانن جي) ملڪ ۾ چار مهينا گهمو ڦرو ۽ ڄاڻو ته اوهين الله کي ٿڪائڻ وارا نه
مُعْجِزِى اللّٰهِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢﴾ وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ
عاجز ڪندڙ الله کي ۽ بيشڪ الله خوار ڪندڙ آهي ڪافرن کي. ۽ ڇتاءُ آهي الله
آهيو ۽ (ڄاڻو) ته الله ڪافرن کي خوار ڪرڻ وارو آهي. ۽ وڏي حج جي ڏينهن الله ۽
وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْٓءٌ
۽ ان جي رسول طرفان ماڻهن لاءِ حج اڪبر جي ڏينهن ته الله بيزار آهي
سندس پيغمبر جي طرفان ماڻهن ڏانهن اعلان آهي ته الله ۽ سندس پيغمبر مشرڪن کان بيزار آهي.
مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ۬ وَرَسُوْلُهٗ ؕ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ
مشرڪن کان، ۽ سندس رسول، پوءِ جي توبه ڪندؤ ته اهو ڀلو آهي توهان لاءِ ۽ جيڪڏهن
پوءِ (اي مشرڪو!) جيڪڏهن (شرڪ کان) توبه ڪندوَ ته اها اوهان لاءِ ڀلي آهي. ۽ جيڪڏهن اوهين منهن ڦيرائيندوَ

تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ

ڦرندؤ پوءِ ڄاڻو پڪ توهان ناهيو عاجز ڪندڙ الله کي، ۽ خبر ڏي

ته ڄاڻو ته اوهين الله کي ٿڪائڻ وارا نه آهيو. ۽ (اي پيغمبرا) ڪافرن کي ڏکائيندڙ عذاب جي

كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۙ﴿۳﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ

ڪافرن کي عذاب دردناڪ جي، مگر جن مشرڪن سان توهان عهد ڪيو هو

خبر ڏي. پر مشرڪن مان جن سان معاهدو ڪيو هيوَ وري (اُنهن) اوهان سان (معاهدي ۾) ڪو قصور

ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّلَمْ يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا

پوءِ انهن کوٽ نه ڪيو توهان سان ڪجهه به ۽ نڪي پٺڀرائي ڪيائون توهان جي خلاف ڪنهن جي پوءِ پاڙيو

نه ڪيو ۽ نڪي اوهان تي ٻئي ڪنهن کي مدد ڏنائون تن جو (معاهدو) سندن مدت تائين

اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۴﴾

انهن سان انهن جو انجام سندن مدي تائين، بيشڪ الله پسند ڪري ٿو پرهيزگارن کي.

ساڻن پورو ڪريو. بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي.

فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ

پوءِ جڏهن گذرن مهينا عزت وارا ته قتل ڪريو مشرڪن کي جتي لهو انهن کي

پوءِ (جن مهينن ۾ لڙائي) حرام (ڪئي ويئي آهي سي) مهينا جڏهن پورا ٿين تڏهن مشرڪن کي جتي لهو تتي اُنهن کي قتل ڪريو

وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ

۽ پڪڙيو انهن کي ۽ بند ڪريو انهن کي ۽ ويهو انهن لاءِ هر گهٽ تي، پوءِ جيڪڏهن

۽ اُنهن کي پڪڙيو ۽ اُنهن جو گهيراءُ ڪريو ۽ سڀني گهٽن تي اُنهن لاءِ (گهاٽ ۾) ويهو. پوءِ جيڪڏهن

تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ؕ اِنَّ

توبه ڪن ۽ قائم ڪن نماز ۽ ڏين زڪوات پوءِ ڇڏيو رستو انهن جو. بيشڪ

توبه ڪن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪوات ڏين ته سندن واٽ ڇڏيو. جو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵﴾ وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ

الله بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو به مشرڪن مان پناهه گهري تو کان

۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو هڪڙو تو کان امانُ گهري ته کيس امان ڏي جيستائين (هو)

فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

ته پناهه ڏج ان کي جيستائين ٻڌي قرآن کي پوءِ پهچاءِ انهيءَ کي سندس امن جي جاءِ تي، اهو هن لاءِ آهي ته

ڪلام الله ٻڌي پوءِ کيس سندس امن جي هنڌ پهچاءِ! اهو هن ڪري جو اها قوم اهڙي آهي

قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦﴾ كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ

اهي ماڻهو | جاڻ نہ تا رکن. | ڪيئن | ٿيندو | مشرڪن لاءِ | ذمو

جو نہ ڄاڻندي آهي. الله وٽ ۽ سندس پيغمبر وٽ مشرڪن لاءِ انجام ڪيئن ٿيندو؟

عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ

الله وٽ | ۽ | سندس رسول وٽ | سواءِ | انهن جي جن سان | معاهدو ڪيو توهان | مسجد

سواءِ انهن جي جن سان مسجد الحرام وٽ معاهدو ڪيو هيو، پوءِ اهي جيستائين اوهان جي معاهدي تي

الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ

الحرام وٽ. | پوءِ جيستائين | اهي سڌا رهن | توهان سان تہ | سڌا رهو توهان بہ | انهن لاءِ. | بيشڪ | الله | پسند ٿو ڪري

قائم رهن تيستائين اوهين بہ انهن لاءِ (سندن معاهدي تي) قائم رهو، جو تہ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي.

الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧﴾ كَيْفَ وَاِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ

پرهيزگارن کي. | ڪيئن ۽ | جيڪڏهن | اهي قبضو ڪندا | توهان تي | تہ نہ | لحاظ رکندا | توهان جي

ڪيئن (سندن معاهدو قائم رهندو؟) هوڏانهن جيڪڏهن اوهان تي غالب ٿين تہ اوهان بابت نہ ڪي مائٽي جو

اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَ

مائٽي جو | ۽ | نہ | وعدي جو. | خوش ٿا ڪن توهان کي | زباني طور | ۽ نہ ٿيون مڃين | دليون انهن جون: | ۽

۽ نہ ڪي معاهدي جو خيال رکن. اوهان کي پنهنجن (مُنهن) زبانن سان راضي ڪندا آهن ۽ سندن دليون انڪاري آهن ۽

اَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨﴾ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا

اڪثر اهي | غدار آهن. | وڪيائون | الله جون آيتون | رقم | ٿوري تي | پوءِ روڪيائون

منجهانئن گهڻا بي دين آهن. الله جي آيتن کي ٿوري مُلهہ تي وڪيائون پوءِ (ماڻهن کي) سندس واٽ کان جهليائون.

عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩﴾ لَا يَرْقُبُوْنَ

ان جي رستي کان. | بيشڪ | بُرو آهي جيڪي | اهي | ڪن ٿا. | نہ | ٿا لحاظ رکن

اهي جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي. ڪنهن مُومن بابت نڪي مائٽيءَ جو ۽ نڪي معاهدي جو

فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ﴿١٠﴾ فَاِنْ

ڪنهن مسلمان بابت | مائٽي جو | ۽ | نہ | وعدي جو. | ۽ | اهي | ئي | ليڪو لنگهندڙ آهن. | پوءِ جيڪڏهن

خيال رکندا آهن ۽ اهي ئي حد کان لنگهيل آهن. پوءِ جيڪڏهن (ڪفر کان) توبهہ ڪن ۽ نماز پڙهن

تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ۭ

توبهہ ڪن | ۽ | قائم ڪن | نماز | ۽ | ڏين | زڪوات | پوءِ ڀائر آهن توهان جا | دين ۾.

۽ زڪوات ڏين تہ اوهان جا دين ۾ ڀائر آهن. ۽ جيڪي ماڻهو ڄاڻندا آهن تن لاءِ نشانيون

وَنُفَصِّلُ الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّعْلَمُوْنَ ⑪ وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَیْمَانَهُمْ

۽ اسين کولي پڌايون ٿا آيتون انهن ماڻهن کي جيڪي ڄاڻ ڪن. ۽ جيڪڏهن ڀڃن پنهنجا قسم

کولي بيان ڪريون ٿا. ۽ جيڪڏهن پنهنجن انجامن پڌڻ کان پوءِ پنهنجا قسم ڀڃن

مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِیْ دِیْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَىِٕمَّةَ الْكُفْرِ ۙ

عهدنامي کان پوءِ ۽ ٽوڪ ڪن توهان جي دين تي پوءِ وڙهو ڪفر جي اڳواڻن سان،

۽ اوهان جي دين ۾ طعني بازي ڪن ته ڪفر جي اڳواڻن سان جنگ ڪريو! ڇو ته انهن

اِنَّهُمْ لَاۤ اَیْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ یَنْتَهُوْنَ ⑫ اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا

بس، نه آهن قسم انهن جا شايد اهي روڪجي وڃن. ڇا نه ٿا وڙهو ان قوم سان

جو قسم (اعتبار جوڳو) نه آهي. مَن اهي جهلجن. اهڙي قوم سان ڇو نه ٿا وڙهو جن پنهنجن قسمن کي

نَّكَثُوْٓا اَیْمَانَهُمْ وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ

جن ڀڃا پنهنجا قسم ۽ سنبريا رسول جي ڪڍڻ تي ۽ انهن اڳرائي ڪئي توهان سان پهريائين،

ڀڃو ۽ پيغمبر جي لوڌڻ لاءِ سنبريا ۽ منڍئون اوهان سان (دشمني) ۾ پهل ڪرڻ لڳا؟

مَرَّةٍ ؕ اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ⑬

ڇا توهان ڊڄو ٿا انهن کان، ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي جو ڊڄوانهيءَ کان جيڪڏهن ايمان رکندڙ آهيو.

کانئن ڇو ٿا ڊڄو؟ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله (هن لاءِ) وڌيڪ حقدار آهي ته کانئس ڊڄو.

قَاتِلُوْهُمْ یُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَیْدِیْكُمْ وَیُخْزِهِمْ وَیَنْصُرْكُمْ عَلَیْهِمْ وَ

وڙهو انهن سان ته عذاب ڪري انهن کي الله توهان جي هٿن سان ۽ خوار ڪري انهن کي ۽ مدد ڪري توهان جي انهن تي ۽

انهن سان وڙهو ته الله اوهان جي هٿان کين سزا ڏيندو ۽ کين خوار ڪندو ۽ اوهان کي مٿن سوڀ ڏيندو ۽

یَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِیْنَ ⑭ ۙ وَیُذْهِبْ غَیْظَ قُلُوْبِهِمْ ؕ

ٺاري دليون ماڻهن مسلمانن جون. ۽ نئي ڪاوڙ انهن جي دلين جي،

مؤمنن جي قوم جي سينن کي شفا بخشيندو (يعني ٺاريندو). ۽ سندن دلين جي ڪاوڙ ختم ڪندو. ۽ الله

وَیَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰی مَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِیْمٌ حَكِیْمٌ ⑮ اَمْ

۽ بخشي ٿو الله جنهن کي گهري، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي داناءُ آهي. ڇا

جنهن لاءِ گهرندو تنهن تي پاڄهه سان موٽندو، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ڀائيندا آهيو ڇا

حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا یَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِیْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ

ڀانيو ٿا ته ڇڏيو ويندو توهان کي ۽ اڃا نه ڄاڻيو الله انهن کي جن جهاد ڪيو توهان مان

ته اوهان کي (جهاد جي تڪليف کان) ڇڏيو ويندو؟ ۽ حقيقت ڪري اوهان مان جن جهاد ڪيو

وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ

۽ نه ورتائون الله کان سواء ۽ ان جي رسول ۽ مومنن کانسواء

۽ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مومنن کان سواء (ٻيو) ڪو ڳجهو دوست (به) نه ورتائون تن کي الله اڃان نه نکيڙيو آهي.

وَلِيْجَةً ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ

ڪو پڙجهلو. ۽ الله خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. ناهي ڪم مشرڪن جو

۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. پاڻ تي ڪفر جا اقراري ٿي، مشرڪن کي،

اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ۭ

ته آباد ڪن مسجدون الله جون ثابتي ڏيندي پاڻ تي ڪفر جي،

الله جي مسجدين جي آباد ڪرڻ جو حق ٿي نه آهي، اِهي اُهي آهن جن جا اعمال

اُولٰۗىِٕكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ښ وَفِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّمَا

اهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا، ۽ باهه ۾ اهي هميشه رهندا. رڳو

چٽ ٿي ويا، ۽ اُهي باهه ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. الله جي مسجدين کي

يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ

آباد ڪندو مسجدون الله جون اهو جنهن يقين ڪيو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ قائم ڪئي

آباد ڪرڻ رڳو اُنهيءَ کي جڳائيندو آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ نماز پڙهي

الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰۗىِٕكَ

نماز ۽ ڏني زڪوات ۽ نه ڊنو مگر الله کان، پوءِ اميد آهي ته اهي

۽ زڪوات ڏني ۽ الله کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کان) نه ڊنو، پوءِ اميد آهي ته اِهي هدايت وارن مان

اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَاۗجِّ وَعِمَارَةَ

ٿيندا هدايت وارن مان. ڇا توهان ڪيو آهي پاڻي پيارڻ حاجين جو ۽ آباد ڪرڻ

آهن. اوهان جو حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد الحرام کي آباد رکڻ ان (جي عملن) جهڙو آهي ڇا

الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ

مسجد الحرام جو برابر انهيءَ سان جيڪو يقين ڪري الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ جهاد ڪري

جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو؟

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي

الله جي راهه ۾، اهي نه آهن هڪجهڙا الله وٽ، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري

الله وٽ (هيءَ ۽ اُهي) برابر نه آهن ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڪندو آهي.

وقف لازم

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا

قوم ظالم ڪي. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ جنگ ڪئي

جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً

الله جي راهه ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان، سي تمام وڏي مرتبي وارا آهن

جهاد ڪيو سي الله وٽ مرتبي ۾ بلڪل وڏا آهن ۽ اِهي ئي مراد ماڻڻ وارا

عِنْدَ اللّٰهِ ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْفَاۗىِٕزُوْنَ ﴿٢٠﴾ يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ

الله وٽ، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. خوشخبري ڏئي ٿو انهن کي سندن پالڻهار پنهنجي رحمت

آهن. اُنهن کي سندن پالڻهار پاڻ وٽان پاجهه ۽ راضپي ۽ اُنهن باغن جي

مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ﴿٢١﴾ خٰلِدِيْنَ

۽ رضا ۽ باغن جي انهن لاءِ اتي آهي آرام هميشه وارو. اهي رهندا

خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ اُنهن لاءِ سدائين نعمتون آهن. منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

فِيْهَآ اَبَدًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

اتي سدائين، بيشڪ الله وٽ اجورو وڏو آهي. اي اهي جن

چوڻ ته الله وٽ ئي وڏو اجر آهي. اي مومنو! پنهنجن پيئرن

اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَاۗءَكُمْ وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَاۗءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا

ايمان آندو نه وٺو پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ پنهنجن ڀائرن کي دوست ڪري جيڪڏهن اهي پسند ڪن ٿا

۽ پنهنجن ڀائرن کي دوست ڪري نه وٺو جيڪڏهن (اُهي) ڪفر کي ايمان کان پيارو رکن ته.

الْكُفْرَ عَلَي الْاِيْمَانِ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ

ڪفر کي ايمان تي، ۽ جيڪي دوستي رکندا انهن سان توهان مان ته اهي ئي

۽ جيڪي اوهان مان اُنهن سان دوستي ڪندا سي ئي ظالم آهن.

الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَاۗؤُكُمْ وَاَبْنَاۗؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَ

ظالم آهن. چؤ جيڪڏهن آهن توهان جا ابا ڏاڏا ۽ توهان جا پٽ پوٽا ۽ توهان جا ڀائر ۽

(اي پيغمبر!) چئو ته، جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پُٽ ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان

اَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُۨ اقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ

توهان جون زالون ۽ توهان جو ڪٽنب ۽ اهي مال جيڪي ڪمايا اٿوَ ۽ واپار

جا ماڻٽ ۽ اهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا

تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ

ڊڄو ٿا جنهن جي بيهي وڃڻ کان ۽ جايون جن کي چاهيو ٿا، وڌيڪ پيارا توهان کي الله کان

۽ جايون جن کي پسند ڪريو ٿا سي اوهان کي الله ۽ سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ

وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ

۽ ان جي رسول کان ۽ جهاد في سبيل الله کان ته انتظار ڪريو جيستائين موڪلي الله پنهنجو حُڪم،

۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن ته (ايستائين) ترسو جيستائين الله پنهنجو عذاب آڻي،

٣ ع ٨ ٩ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ

۽ الله نه ٿو هدايت ڪري ڏوهارين کي. يقينن توهان جي مدد ڪئي الله

۽ الله بي دين قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. بيشڪ الله اوهان کي گهڻن هنڌن ۾ سوڀ ڏني

فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ

جاين گهڻين ۾ ۽ حنين واري ڏينهن به جڏهن وڻي پئي توهان کي گهڻائي توهان جي پوءِ اها نه

۽ (پڻ جنگ) حُنين جي ڏينهن، جو جڏهن اوهان جي گهڻائي اوهان کي عجب ۾ وڌو ۽ اوهان کان (اوهان جي

تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ

ڪم آئي توهان کي ڪجهه به ۽ تنگ ٿي پئي توهان تي ڌرتي ويڪراڻ هوندي پوءِ

گهڻائي) ڪجهه به ٽاري نه سگهي ۽ زمين پنهنجي ويڪرائي هوندي (به) اوهان تي سوڙهي ٿي ويئي ۽ پوءِ

وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ

هٽي ويؤ توهان پٺيرا ٿي. ان کان پوءِ لاٿو الله پنهنجي طرفان قرار پنهنجي رسول تي ۽

اوهين پٺيرا ٿي ڀڳؤ. وري الله پنهنجي پار کان سڪون پنهنجي پيغمبر تي ۽ مومنن تي لاٿو ۽

عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَ عَذَّبَ

ايمان وارن تي ۽ لاٿائين اهڙا لشڪر جن کي توهان نه پيا ڏسو، ۽ عذاب ڏنائين

(ملائڪن جو) لشڪر لاٿائين جن کي نه ٿي ڏٺو ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ

ڪافرن کي، ۽ اها ئي آهي سزا ڪافرن جي، پوءِ بخشي ٿو الله ان کان

۽ اها ڪافرن جي سزا آهي. وري ان کان پوءِ الله جنهن لاءِ وڻيس تنهن تي ٻاجهه سان موٽندو.

ذٰلِكَ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

پوءِ جنهن کي گهُري، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي، اي ايمان وارو!

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي مومنو! مشرڪ بس پليت آهن

إِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ
رڳو مشرڪ اٿو پليت پوءِ نہ ويجها ٿين مسجد الحرام کي پنهنجي
تنهن ڪري هن سال کان پوءِ مسجد الحرام جي ويجهو نہ وڃن. ۽ جيڪڏهن (اوهين)

عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَإِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ
هن سال کان پوءِ. ۽ جيڪڏهن ڊڄو ٿا سڃائي کان تہ اجهو آسودو ڪندو توهان کي الله پنهنجي
سڃائيءَ کان ڊڄندا آهيو تہ جيڪڏهن الله گهريو تہ پنهنجي فضل سان اوهان کي

فَضْلِهٖٓ إِنْ شَآءَ ۗ إِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٨﴾ قَاتِلُوا الَّذِيْنَ
فضل سان جي گهُري، بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪيم آهي. لڙائي ڪريو انهن سان جيڪي
سگهوئي آسودو ڪندو، ڇو تہ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. جن کي ڪتاب ڏنو ويو تن مان جيڪي الله کي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ
نہ ٿا مڃين الله کي ۽ نہ آخرت واري ڏينهن کي ۽ نہ ٿا حرام چون جنهن کي حرام ڪيو
۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندا آهن ۽ نڪي الله ۽ سندس پيغمبر جي حرام ڪيل (شين)

اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَلَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ
الله ۽ ان جي رسول ۽ نہ ٿا هلن سچي دين تي يعني اهي جن کي
کي حرام ڪري ڄاڻندا آهن ۽ نڪي سچو دين قبول ڪندا آهن تن سان ايستائين

أُوْتُوا الْكِتٰبَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٢٩﴾ ع ٤
ڏنو ويو ڪتاب تان جو ادا ڪن ڍل هٿ سان ۽ اهي ذليل هجن.
وڙهو جيستائين (اهي) ذليل ٿي پنهنجي هٿان جزيو ڏين.

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ
۽ چيو يهودين عزير الله جو پٽ آهي ۽ چيو نصارن عيسي
۽ يهودين چيو تہ، عزير الله جو پٽ آهي ۽ نصارن چيو تہ، عيسيٰ الله جو پٽ آهي-

ابْنُ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِأَفْوَاهِهِمْ ۚ يُضَاهِـُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ
الله جو پٽ آهي، اهي انهن جون ڳالهيون سندن واتن جون آهن. ريس ٿا ڪن ڳالهائڻ ۾ انهن سان جن
اهو سندن ڇوڙ سندن واتن سان آهي، اڳين ڪافرن جي ڇوڙ جهڙي

كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ۗ قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ أَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِتَّخَذُوْٓا
ڪفر ڪيو هو اڳي، تباهہ ڪرين الله، ڪيڏانهن ٿا ڦيريا وڃن. ورتائون
ريس ڪندا آهن. الله مٿن لعنت ڪريا ڪيڏي جو ڪيڏي ڀُلايا ويندا آهن.

أَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ أَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ ابْنَ
پنهنجي علم وارن ۽ پنهنجي بزرگن کي رب ڪري الله کان سواءِ ۽ عيسيٰ پٽ
پنهنجن عالمن ۽ پنهنجن فقيرن ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کي الله کان سواءِ پالڻهار ڪري ورتائون.

مَرْيَمَ ۚ وَمَآ أُمِرُوْٓا إِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا إِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۗ
مريم کي، ۽ رڳو انهن کي حڪم ڪيل هئو ته عبادت ڪن خدا هڪڙي جي، ناهي ڪوئي مالڪ انهيءَ کان سواءِ
۽ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ ڪين ٻيو حڪم نه ڪيو ويو آهي! اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي.

سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾ يُرِيْدُوْنَ أَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ
اهو پاڪ آهي ان کان جو شريڪ ٿا ڪن. اهي گھرن ٿا ته اجهائين الله جي روشنيءَ کي
جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان هو پاڪ آهي. ۽ پنهنجن واتن سان الله جي نور کي وسائڻ گھرندا

بِأَفْوَاهِهِمْ وَيَأْبَى اللّٰهُ إِلَّآ أَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾
پنهنجن ڦوڪن سان ۽ انڪار ڪري ٿو الله مگر ۰ پورو ڪندو نور پنهنجو توڙي ناپسند ڪن ڪافر.
آهن ۽ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ کان سواءِ نه رهندو جيتوڻيڪ ڪافر اُرها ٿين.

هُوَ الَّذِيْٓ أَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ
اهو ئي آهي جنهن موڪليو پنهنجو رسول هدايت سان ۽ سچي دين سان جيئن غالب ڪري ان کي
اهو (الله) آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو ته ان کي

عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا النّصف
سڀني دينن تي، توڙي ناپسند ڪن مشرڪ. اي ايمان وارؤ!
سڀني دينن تي غالب ڪري جيتوڻيڪ مشرڪ رنج ٿين. اي ايمان وارؤ! اهل ڪتاب جي عالمن

إِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْأَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَأْكُلُوْنَ أَمْوَالَ النَّاسِ
بيشڪ ڪيترائي پڙهيل ۽ فقير کائين ٿا مال ماڻهن جا
۽ درويشن مان گھڻا ماڻهن جو مال نڪميءَ سان کائيندا آهن ۽ الله جي واٽ

بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ
ناحق ۽ روڪين ٿا الله جي راهه کان، ۽ اهي جيڪي دٻي رکن ٿا
کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن، ۽ جيڪي سون ۽ چاندي جو خزانو گڏ ڪندا آهن

الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ
سون ۽ چانديءَ کي ۽ نه ٿا خرچ ڪن ان کي الله جي راهه ۾، پوءِ بشارت ڏي انهن کي
۽ اهو الله جي واٽ ۾ نه خرچيندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.

بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٤﴾ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى

عذاب دردناڪ جي. جنهن ڏينهن تپايو ويندو ان کي دوزخ جي باهه ۾ پوءِ ڏنبيو ويندو

جنهن ڏينهن (سندن مال) دوزخ جي باهه ۾ تپائبو (جڏهن تپندو تہ) پوءِ ان سان سندن پيشانيون

بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوْبُهُمْ وَظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ

انهيءَ سان انهن جي پيشانين ۽ پاسن ۽ انهن جي پٺين کي، هي آهي جيڪي ڍيري ڪيو هئو توهان پنهنجي لاءِ

۽ سندن پاسيريون ۽ سندن پٺيون ڏنبيون، (چئبن تہ) هيءُ اهو (خزانو) آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيو

فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا

پوءِ چکوان کي جيڪي توهان لڪائيندا هئا. بيشڪ انداز مهينن جو الله وٽ ٻارهن

سو جيڪو گڏ ڪيو هيوَ (ان جو مزو) چکو. بيشڪ مهينن جو ڳاڻاٽو يقينن ڪتاب الاهيءَ ۾ الله وٽ ٻارهن

عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ مِنْهَآ

مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾ جنهن ڏينهن خلقيائين آسمانن ۽ زمين کي انهن مان

مهينا آهي. جنهن ڏينهن کان آسمانن ۽ زمين کي بڻايائين، منجهانئس چار (مهينا) تعظيم وارا آهن،

اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ

چار منع وارا آهن، اهو دين سڌو آهي، پوءِ نہ ظلم ڪجو انهن ۾

اِهو پڪو دين آهي تنهن ڪري اوهين پاڻ کي منجهن نقصان نہ لايو

اَنْفُسَكُمْ وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ

پاڻ تي، ۽ جنگ ڪريو مشرڪن سيني سان جيئن اهي وڙهن ٿا توهان سيني سان،

۽ سيني مشرڪن سان وڙهو جهڙيءَ طرح اوهان سان سيئي وڙهن ٿا، ۽ ڄاڻو تہ

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٦﴾ اِنَّمَا النَّسِيْٓءُ زِيَادَةٌ

۽ ڄاڻو بيشڪ الله گڏ آهي پرهيزگارن سان. رڳو لُنڊ وجهڻ واڌارو آهي

الله پرهيزگارن سان گڏ آهي. تعظيم وارن مهينن جو اڳي پوءِ ڪرڻ رڳو ڪفر ۾ واڌارو آهي.

فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّيُحَرِّمُوْنَهٗ

ڪفر ۾ گمراهہ ٿيندا آهن انهيءَ سان اهي جن ڪفر ڪيو جو جائز ڪن ٿا ان کي هڪڙي سال ۽ ناجائز ڪن ٿا ان کي

ان سان ڪافر ڀُلايا ويندا آهن. ان (مهيني) کي هڪ سال حلال ڳڻين ٿا ۽ ٻئي سال ان کي حرام ڀانئين ٿا

عَامًا لِّيُوَاطِـُٔوْا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوْا مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ؕ زُيِّنَ

ٻئي سال جيئن پورو ڪن انداز جنهن کي منع ڪيو الله پوءِ جائز ڪن جنهن کي حرام ڪيو الله، سينگاريا ويا آهن

هن لاءِ تہ الله جي حرام ڪيلن مهينن جي ڳاڻاٽي جي پورائي ڪن، پوءِ جن کي الله حرام ڪيو آهي تن کي حلال ٿا ڪن.

لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۷﴾ ع

انهن لاءِ سندن براكم، ۽ الله نہ توهدايت كري كافرن جي قوم كي.

انهن لاءِ سندن بڇڙا كرتوت سينگاريا ويا. ۽ الله كافرن جي قوم كي هدايت نہ كندو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ لَكُمُ انْفِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

اي ايمان وارؤ! ڇا ٿيو آهي توهان كي جڏهن چئجي ٿو توهان كي نِكرو الله جي راهہ ۾

اي ايمان وارؤ! اوهان كي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو جڏهن اوهان كي چئبو آهي تہ الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) نكرو

اثَّاقَلْتُمْ اِلَى الْاَرْضِ ؕ اَرَضِيْتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ

تہ پيٺجي ٿا رهو ڌرتيءَ تي، ڇا راضي ٿيا آهيو دنيا جي زندگي تي آخرت جي عِوض،

تڏهن زمين ڏانهن ڳرا ٿي كرندا آهيو! آخرت جي بدران دنيا جي حياتيءَ سان راضي ٿيا آهيو ڇا؟

فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۳۸﴾ اِلَّا تَنْفِرُوْا

پوءِ ناهي سامان زندگيءَ دنيا جو آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو. جيكڏهن توهان نہ نكرندؤ

پوءِ دنيا جي حياتيءَ جو سامان آخرت (جي مقابلي) ۾ ٿورڙي كان سواءِ كجهہ نہ آهي. جيكڏهن نہ نكرندؤ تہ.

يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوْهُ

تہ عذاب كندو توهان كي عذاب دردناك، ۽ مَٽائي آڻيندو ماڻهن ٻين كي ۽ توهان نہ زيان كندؤ

اوهان كي ڏكوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو ۽ اوهان كان سواءِ ٻي قوم مَٽائي آڻيندو ۽ اوهين كيس كجهہ ضرر نہ رسائيندؤ.

شَيْـًٔا ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾ اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ

انجو كجهہ بہ ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. جيكڏهن توهان نہ مدد كندؤان جي تہ بيشك مدد كئي انهيءَ جي

۽ الله سڀ كنهن شيءِ تي وسارو آهي. جيكڏهن پيغمبر كي مدد نہ ڏيندؤ تہ بيشك كيس الله مدد ڏني آهي.

اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ

الله جڏهن كڍيو هو انكي انهن كافرن اهو ٻيو هئو ٻن مان جڏهن اهي ٻئي هئا غار ۾

جنهن مهل كافرن (مكي مان) كيس لوڏيو، ٻن مان هكڙو پاڻ هو. جڏهن ٻئي غار ۾ (اندر) هئا.

اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ

تنهن وقت چئي پيو پنهنجي ساٿيءَ كي ڏک نہ كر بيشك الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ لاٿو الله

تڏهن پنهنجي سنگتيءَ كي چيائين تہ الڪو نہ كرا ڇو تہ الله اسان سان (گڏ) آهي. پوءِ الله مٿس

سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ

پنهنجي طرفان قرار انهيءَ تي ۽ مدد كيائين اهڙي لشكر سان جو نہ ڏٺو توهان ۽ كيائين ڳالهہ

پنهنجو سكون لاٿو ۽ كيس اهڙي لشكر سان مدد كيائين جو اُن كي اوهان نہ ڏٺو ۽ كافرن جي ڳالهہ

الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ

كافرن جي هيٺ، ۽ ڳالھ الله جي اهائي مٿي آهي، ۽ الله زبردست آهي

كي هيٺ كيائين ۽ الله جي ڳالھ (هميشہ) مٿاهين آهي، ۽ الله غالب حكمت وارو آهي.

حَكِيْمٌ ﴿٤٠﴾ اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ

حكمت وارو آهي. نكري پئو هلكا هجو يا ڳرا ۽ لڙائي كريو پنهنجن مالن ۽ جانين سميت

(هر حال جنگ جي) ٿوري سامان ۽ گهڻي سامان سوڌا (جهاد لاءِ) نكرو ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ لَوْ كَانَ

الله جي راھ ۾ اهو ڀلو آهي توهان لاءِ جيكڏهن توهان سمجھ ركو ٿا. جيكڏهن هجي ها

الله جي واٽ ۾ جهاد كريو. اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيكڏهن ڄاڻندا آهيو. جيكڏهن سامان

عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْۢ بَعُدَتْ

مال ويجهو ۽ مسافري وچٿري تہ ضرور اهي تنهنجي كڍ لڳن ها پر ڏور ٿي پيو

سولو ۽ سفر هلكو هجي ها تہ ضرور تنهنجي پٺيان لڳن ها، پر مٿن پنڌ ڀري ٿيو.

عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا

انهن تي كشالو، ۽ جهٽ الله جو قسم كڻي چوندا تہ جيكڏهن اسان كان ٿي سگهي ها تہ نكرون ها

۽ سگهوئي الله جو قسم كڻندا، (چوندا تہ) جيكڏهن اسين توفيق سواريون ها تہ اوهان سان گڏ

مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٤٢﴾ ع

توهان سان گڏجي، تباھ ٿا كن پاڻ كي، ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اهي كوڙا آهن.

نكرون ها! پاڻ كي (منافقيءَ سببان) هلاك كن ٿا، ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اهي كوڙا آهن.

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ

معاف كيو الله توكي، ڇو موكل ڏني تو انهن كي جيئن پڌرا ٿين ها تو لاءِ اهي جن

الله توكي معاف كيو، كين ڇا لاءِ تو موكل ڏني؟ جيسين تو لاءِ سچا پڌرا ٿين ها

صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ

سچ چيو ۽ ڄاڻين ها تون كوڙن كي، كو نہ موكل وٺندا توكان جن ايمان آندو

۽ (تون) كوڙن كي ڄاڻين ها. جن الله ۽ قيامت جي ڏينهن كي مڃيو آهي سي پنهنجن

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ

الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي جهاد كرڻ كان پنهنجي مالن ۽ جانين سان،

مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد كرڻ ۾ توكان موكل نہ ٿا گهرن، ۽ الله پرهيزگارن

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٤﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

۽ الله ڄاڻندڙ آهي متقين کي، رڳو موڪل وٺندا توکان اهي جيڪي نہ ٿا ايمان رکن

کي ڄاڻندڙ آهي. انهن کان سواءِ ٻيو ڪو توکان موڪل نہ گهرندو جيڪي، الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ

الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ شڪ ۾ آهن دليون انهن جون پوءِ اهي پنهنجي شڪ ۾

نہ مڃيندا آهن ۽ سندن دليون شڪ ۾ پيل آهن پوءِ اهي پنهنجي شڪ ۾ حيران آهن.

يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ

پريشان آهن. ۽ جيڪڏهن نيت ڪن ها نڪرڻ جي تہ ضرور تيار ڪن ها پنهنجو سامان پر

۽ جيڪڏهن ٻاهر نڪرڻ گهرن ها تہ ان لاءِ تياريءَ جو سامان تيار ڪن ها! پر الله سندن (جهاد تي)

كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٤٦﴾

ناپسند ڪيو الله هلڻ انهن جو پوءِ بند ڪيائين انهن کي ۽ چيو ويو ويٺا رهو گڏ ويهندڙن سان.

وڃڻ پسند نہ ڪيو تنهن ڪري ڪين توفيق نہ ڏنائين ۽ چيو ويو تہ ويهندڙن سان گڏ ويهي رهو.

لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّلَاۡاَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ

جيڪڏهن هلن ها توهان سان تہ نہ وڌائين ها توهان ۾ مگر خرابي ۽ اٿ ڀڄائين ها توهان جي وچ ۾

جيڪڏهن اوهان ۾ (گڏجي) نڪرن ها تہ اوهان ۾ شرارت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌائين ها ۽ ضرور اوهان جو بگيڙ گهرندڙ ٿي

يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

گهرن ٿا توهان ۾ فتني کي، ۽ توهان ۾ جاسوس آهن انهن جا، ۽ الله سڄاڻندڙ آهي

اوهان جي وچ ۾ فساد وجهڻ لاءِ ڊوڙن ها! ۽ اوهان ۾ انهن جا (ڪي) جاسوس آهن، ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي.

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ

ظالمن کي. اهي گهرندا هئا فتنو وجهڻ ان کان اڳ ۽ ڦيرائيندا هئا تنهنجي لاءِ رٿون

اهي اڳ بيشڪ فساد جي فڪر ۾ هئا ۽ تو لاءِ بڇڙيون صلاحون ڪندا رهيا تان جو مدد آئي

حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْهُمْ

تيستائين آيو سچو وعدو ۽ غالب ٿيو الله جو دين ۽ اهي ناپسند ڪندڙ هئا ۽ انهن مان

۽ الله جو حڪم غالب ٿيو ۽ اهي ناراض هئا. ۽ منجهائن ڪو چوي ٿو تہ مون کي موڪل ڏي

مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَ

ڪو چوي ٿو موڪل ڏي مون کي ۽ نہ وجهہ فتني ۾ مون کي، خبردار! فتني ۾ پاڻ ڪريا آهن، ۽

۽ مون کي آزمائش ۾ نہ وجهہ! خبردار! (اهي پاڻ) آزمائش ۾ ڪريل آهن۔ ۽ بيشڪ دوزخ ڪافرن کي

اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٩﴾ اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ

بيشڪ دوزخ گهيرو ڪندڙ آهي جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڪا ڀلائي تہ بري لڳي ٿي انهن کي،

گهيرو ڪندڙ آهي. (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪو سهنج رسندو آهي تہ ڪين ڏکيو لڳندو آهي. ۽ جيڪڏهن

وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَآ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ

۽ جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڪا مصيبت چوَن ٿا اسان ورتي سون هوشياري اڳ ۾ ئي

توکي ڪو اهنج پهچندو آهي تہ چوندا آهن تہ بيشڪ پنهنجو ڪم اڳئي سنڀالي ورتو اٿون ۽ اهي سرها ٿي

وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٠﴾ قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ

۽ موٽن ٿا اهي خوشيون ڪندي، چؤ هرگز نہ پهچندو اسان کي مگر جيڪي لکيو الله

ڦرندا آهن. (اي پيغمبر!) چئو تہ، جيڪي الله اسان لاءِ لکيو آهي تنهن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ اسان کي ڪڏهن نہ پهچندو

لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾ قُلْ هَلْ

اسان لاءِ. اهوئي اسان جو سائين آهي. ۽ الله تي ڀل ڀروسو ڪن ايمان وارا. چؤ توهان نہ ٿا

اهو اسان جو سنڀاليندڙ آهي، ۽ مومنن کي الله تي ڀروسو ڪرڻ جڳائي. (اي پيغمبر! منافقن کي) چئو تہ اوهين

تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ۭ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ

انتظار ڪريو اسان لاءِ مگر هڪڙيءَ جو ٻن ڀلاين مان، ۽ اسان بہ انتظار ٿا ڪريون توهان لاءِ

اسان لاءِ ٻن چڱاين مان هڪڙيءَ کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهيو، ۽ اسين (بہ) اوهان لاءِ انتظار

اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ فَتَرَبَّصُوْٓا

تہ پهچائيندو توهان کي الله عذاب پنهنجي طرفان يا اسان جي هٿن سان. پوءِ اوهان انتظار ڪريو

ڪندا آهيون تہ الله پاڻ وٽان يا اسان جي هٿان اوهان کي سزا پهچائي، پوءِ اوهين انتظار ڪريو

اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ

اسان بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون. چؤ خرچ ڪريو خوشيءَ يا ناخوشيءَ هرگز نہ قبول ڪيو ويندو

اسين (بہ) اوهان سان گڏ منتظر آهيون. چئو (تہ اي منافقو!) سرها ٿي توڙي ارها ٿي خرچ ڪيو تہ بہ اوهان کان ڪڏهن

مِنْكُمْ ۭ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ

توهان کان، بيشڪ اوهين آهيو ماڻهو بي فرمان، ۽ نہ آڙو آئي انهن کي جو قبول ٿئي

قبول نہ ڪبو، ڇو تہ اوهين بي دين ٽولي آهيو. ۽ ڪانئن سندن خرچ جو قبول ڪرڻ هن کان سواءِ نہ جهليو ويو

مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ

انهن کان سندن خيرات مگر هي ڳالهہ تہ انهن ڪفر ڪيو الله ۽ ان جي رسول جو ۽ نہ پيا اچن

تہ اهي الله ۽ سندس پيغمبر جا منڪر آهن ۽ نڪي آرس ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهندا

الصَّلٰوةَ اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾

نماز تي مگر اهي سست ٿي ۽ نه پيا خرچ ڪن مگر اهي لاچار ٿي.

آهن ۽ نڪي (الله جي واٽ ۾) رنج ڪان سواءِ خرچيندا آهن.

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ

پوءِ نه عجب ۾ وجهن توکي سندن مال ۽ نه سندن اولاد. رڳو ارادو ڪري ٿو الله ته

پوءِ توکي نڪي سندن مال ۽ نڪي سندن اولاد عجب ۾ وجهي. الله رڳو گهرندو آهي ته

لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ

کين عذاب ڏئي ان سان دنيا جي زندگي ۾ ۽ نڪرن ساهه انهن جا ۽ اهي

دنيا جي حياتيءَ ۾ کين عذاب ڪري ۽ سندن ساهه ڪفر جي ئي حالت ۾ نڪري.

كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ

هجن ڪافر. ۽ قسم ٿا کڻن الله جو ته اهي توهان مان آهن ۽ ناهن اهي اوهان مان

۽ الله جو قسم کڻندا آهن ته اهي اوهان منجهان آهن، ۽ (حقيقت ڪري) اهي اوهان منجهان نه آهن

وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ

پر اهي ماڻهو ڊڄڻا آهن. جيڪڏهن اهي لهن ڪا جاءِ پناهه جي يا ڇُرون

پر اها ڊڄڻي قوم آهي. جي ڪا پناهه جي جاءِ يا ڪي ڇُرون يا ڪو گهڙڻ جو هنڌ لهن ها ته اُن ڏانهن

اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ

يا ڪا جاءِ سر لڪائڻ جي ته لڙي وڃن انهيءَ طرف ۽ اهي زور ڪن ها. ۽ انهن مان ڪي اهي آهن

اهي ڊوڙندا ئي ڀڄن ها. ۽ منجهانئن ڪي اهڙا آهن جي صدقن (جي ورهاڱي) ۾ توکي طعنو هڻندا آهن.

يَّلْمِزُكَ فِى الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ

جي طعنو هڻن ٿا توکي صدقي ورهائڻ ۾. پوءِ جيڪڏهن ملين ٿو ان مان ته خوش ٿين ٿا ۽ جي نه

پوءِ جيڪڏهن منجهانئس ڏجين ته سرها ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن منجهانئس نه ڏجين ته

يُعْطَوْا مِنْهَآ اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰهُمُ

ٿو ملين ان مان ته اهي ڪاوڙجن ٿا. جيڪر اهي راضي ٿين ها ان تي جيڪي ڏنو انهن کي

انهيءَ مهل ڪاوڙيا آهن. ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جيڪي کين ڏنو آهي تنهن تي جيڪڏهن راضي ٿين ها

اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ

الله ۽ ان جي رسول ۽ چوَن ها ڪافي آهي اسان کي الله اجهو ڏيندو اسان کي الله پنهنجي مهر سان

۽ چون ها ته اسان کي الله ڪافي آهي اسان کي الله پنهنجي فضل سان ڏيندو ۽ سندس پيغمبر (به ڏيندو)

وَرَسُوْلُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ ع ١٤

۽ ان جو رسول بيشڪ اسان پنهنجي الله ڪي چاهيندڙ آهيون. رڳو زڪواتون آهن غريبن

اسين الله ڏانهن اميدوار آهيون (تہ انهن لاءِ ڀلو هجي ها!) صدقا رڳو فقيرن ۽ مسڪينن ۽ ان جي اڳاڙي

وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَفِي الرِّقَابِ

۽ محتاجن ۽ ان جي عملي وارن لاءِ ۽ انهن لاءِ جو، جوڙيل آهن دليون جن جون ۽ ٻانهن آزاد ڪرائڻ ۾

ڪندڙن ۽ جن (نئين مسلمانن) جون دليون (اسلام ڏانهن) جوڙڻيون آهن (تن لاءِ) ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرڻ

وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ

۽ قرضين لاءِ ۽ الله جي راهہ ۾ ۽ مسافر راهہ واري لاءِ. فرض سمجهي الله جو.

۽ قرضين ۽ الله جي واٽ ۾ (جهاد ڪرڻ) ۽ مسافرن لاءِ آهن. (اِهو) الله (جي پار) کان حڪم ٺيل آهي.

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾ وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَ

۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪيم آهي. ۽ ڪي انهن مان اهي آهن جيڪي ايذائن ٿا نبيءَ کي ۽

۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ منجهانئن ڪي اهڙا آهن جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هو

يَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ؕ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ

چون ٿا اهو رڳو ٻڌندڙ آهي، چؤ اهو ٻڌندڙ ڀلائي جو توهان لاءِ آهي يقين ڪري ٿو الله تي ۽ ويساهہ ڪري ٿو

ڀرپتڙيو آهي، چئو تہ اوهان لاءِ ڀرپتڙيو ڀلو آهي الله کي مڃيندو آهي ۽ مؤمنن (جي صلاح) کي (بہ) مڃيندو آهي

لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ

مسلمانن تي ۽ رحمت آهي انهن لاءِ جن ايمان آندو توهان مان ۽ اهي جيڪي ايذائين ٿا

۽ اوهان مان ايمان وارن لاءِ ٻاجهارو آهي، ۽ جيڪي الله جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن

رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ

الله جي رسول کي تن لاءِ آهي سزا ڏکوئيندڙ. قسم کڻن ٿا الله جو توهان لاءِ

تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اوهان لاءِ الله جو قسم کڻندا آهن تہ اوهان کي راضي ڪن.

لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا

جيئن راضي ڪن توهان کي ۽ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ حقدار آهي جو راضي ڪن انهيءَ کي جيڪڏهن اهي

۽ جيڪڏهن مؤمن آهن تہ الله ۽ سندس پيغمبر وڌيڪ حقدار آهي جو اُن کي راضي ڪن.

مُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ الثلثة

ايمان رکن ٿا. ڇا نہ ٿا ڄاڻن تہ جيڪو سامهون ٿيندو الله کي ۽ ان جي رسول کي تہ يقينن

نہ ڄاڻندا آهن ڇا تہ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪندو تنهن لاءِ بيشڪ

لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٣﴾ يَحْذَرُ

ان لاءِ باهه دوزخ جي آهي هميشه رهندو انهيءَ ۾، اها خواري وڏي آهي. ڊڄن ٿا

دوزخ جي باهه آهي منجهس سدائين رهڻ وارو آهي، اِها وڏي خواري آهي. منافق مسلمانن

الْمُنٰفِقُوْنَ اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ

ٻچاڙا متان لاٿي وڃي انهن تي ڪا سورت جا خبر ڏئي انهن کي ان جي جيڪي سندن

تي ڪنهن سورة جي لهڻ کان ڊڄن ٿا ته جيڪي سندين دلين ۾ آهي سو متان مسلمانن کي ڄاڻائي!

قُلُوْبِهِمْ ؕ قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿٦٤﴾

دلين ۾ آهي، چؤ چٿر ڪندا رهو، بيشڪ الله پڌرو ڪندڙ آهي ان کي جنهن کان ڊڄو ٿا.

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته اوهين ڀيا ٺٺولي ڪريو، جو ته جنهن کان ڊڄندا آهيو سو الله پڌرو ڪندڙ آهي.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَنَلْعَبُ ؕ قُلْ

۽ جيڪڏهن پڇا ڪندين انهن کان ته ضرور چوندا رڳو اسان پوڳ ۽ راند ڀيا ڪريون، چؤ

۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن کانئن پڇين ته ضرور چوندا ته بيشڪ ڪِل ۽ راند ٿي ڪئي سون، (ڪين) چئو ته

اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ

ڇا الله ۽ ان جي آيتن ۽ ان جي رسول سان ڀيا چٿرون ڪريو؟ نه ڪريو بهانا توهان

الله ۽ سندس آيتن ۽ سندس پيغمبر سان مسخري ڪيوَ ٿي ڇا؟. بهانو نه ڪريو! بيشڪ ايمان کان پوءِ

كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ؕ اِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ

ڪافر ٿيا آهيو ايمان آڻڻ کان پوءِ، جيڪڏهن معاف ڪنداسون هڪ ٽولي کي توهان مان

ڪفر ڪيو اٿوَ. جيڪڏهن اوهان مان هڪ ٽوليءَ کان ٽرنداسون ته ٻيءَ ٽوليءَ کي

نُعَذِّبْ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ ع اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَ

ته سزا ڏينداسون ٻئي ٽولي کي جو ته اهي ڏوهاري آهن. منافق ۽

ع ٨ / ١٦ حن سببان سزا ڏينداسون جو اهي ڏوهي هئا. منافق ۽ منافقياڻيون

الْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَ

منافقياڻيون هڪ ٻئي مان آهن، ڏَسَ ڏين ٿا بُرائيءَ جو ۽

وقف لازم هڪ ٻئي جهڙا آهن، (اهي) مدَن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ چڱن ڪمن کان جهليندا

يَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ نَسُوا اللّٰهَ

روڪين ٿا چڱائي کان ۽ جهلين ٿا پنهنجا هٿ، وساريائون الله کي

آهن ۽ پنهنجا هٿ (خيرات ڏيڻ کان) بند ڪندا آهن. الله کي وساريائون تنهن ڪري الله (بہ) کين وساريو،

فَنَسِيَهُمْ ۗ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ

پوءِ الله وساريو انهن کي، بيشڪ منافق اهي ئي نافرمان آهن. وعدو ڏنو الله منافقن

بيشڪ منافق ئي بي دين آهن. الله منافقن ۽ منافقياڻن ۽ ڪافرن کي دوزخ جي باهه جو انجام ڏنو آهي

وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۗ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ

۽ منافقياڻين کي ۽ ڪافرن کي باهه دوزخ جو هميشه رهندا ان ۾، اها ڪافي آهي انهن لاءِ

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. اها کين ڪافي آهي، ۽ الله مٿن لعنت ڪئي آهي، ۽ انهن لاءِ هميشه

وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٦٨﴾ كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ

۽ لعنت ڪئي انهن کي الله، ۽ انهن لاءِ عذاب دائمي آهي. انهن وانگر جيڪي هئا اوهان کان اڳ ۾،

جو عذاب آهي. اوهين (بہ) اهڙا ٿيا آهيو جيڪي اوهان کان اڳ هئا (اهي) اوهان کان طاقت ۾

كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۗ فَاسْتَمْتَعُوْا

هئا ڏاڍا توهان کان طاقت ۾ ۽ گهڻا مال ۾ ۽ اولاد ۾، پوءِ انهن فائدو ورتو

مال ۽ اولاد ۾ گهڻو وڌيڪ هئا، پوءِ پنهنجي نصيب آهر فائدو ورتائون

بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ

پنهنجي حصي آهر پوءِ توهان بہ فائدو ورتو پنهنجي حصي آهر جيئن فائدو ورتو هو

پوءِ اوهان بہ پنهنجي نصيب آهر فائدو ورتو جهڙيءَ طرح اوهان کان اڳين پنهنجي نصيب آهر

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا ۗ اُولٰٓئِكَ

توهان کان اڳين پنهنجي ڀاڱي آهر ۽ توهان بَڪ ڪئي جيئن انهن بَڪ ڪئي هئي، اهي آهن

فائدو ورتو ۽ (اوهين بہ) انهن وانگر اجاين بحثن ۾ پئجي ويا آهيو جيئن اهي اجاين بحثن ۾ پيا.

حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ

جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا دنيا ۾ ۽ آخرت ۾، ۽ اهي ئي

انهن جي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ ناس ٿي، ۽ اهي ئي خساري وارا آهن.

الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ

نقصان وارا آهن. ڇا نہ آئي وٽن خبر انهن جي جيڪي ڪانئن اڳ هئا قوم نوح

ڪانئن اڳين جي خبر نہ پهتي اٿن ڇا؟ جي نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم

وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۙ وَقَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ

۽ عاد ۽ ثمود جي ۽ قوم ابراهيم جي ۽ مدين وارن جي

۽ ابراهيم جي قوم ۽ مدين وارا ۽ اونڌي ٿيلن ڳوٺن وارا هئا؟ جو انهن ڏانهن

وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ط اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ج فَمَا كَانَ اللّٰهُ

۽ خبر اونڌن ڳوٺن جي، آيا هئا انهن وٽ سندن رسول پڌرا حڪم کڻي، پوءِ الله نہ

سندن پيغمبر پڌرن معجزن سان آيا (تہ نہ مڃيائون)، پوءِ الله جو شان نہ هو جو مٿن ظلم ڪري

لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَالْمُؤْمِنُوْنَ

ظلم ڪيو هو انهن تي پر اهي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. ۽ ايمان وارا

پر پاڻ تي ظلم ڪيائون ٿي. ۽ مؤمن ۽ مومنياڻيون (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جا

وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ م يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وقف لازم

۽ ايمان واريون هڪ ٻئي جا مددگار آهن، حڪم ڪن ٿا چڱي ڳالھ جو

مددگار آهن، چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ خراب ڪمن کان جهليندا آهن

وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ

۽ روڪين ٿا برائي کان ۽ قائم ڪن ٿا نماز ۽ ادا ڪن ٿا

۽ نماز کي قائم ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي

الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ط اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ط

زڪوات ۽ تابعداري ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسول جي اهي آهن جن تي رحم ڪندو الله

فرمانبرداري ڪندا آهن، انهن تي الله سگهوئي ٻاجھ ڪندو، ڇو تہ الله

اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ

بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي. وعدو ڪيو الله مومنن ۽ مومنياڻين سان

غالب حڪمت وارو آهي. الله مؤمنن ۽ مومنياڻين سان بهشت جو انجام ڪيو آهي.

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ

باغن جو وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشہ رهندا اتي ۽ جڳهن

جنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ (ٻيڻ)

طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ط وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ط ذٰلِكَ

سٺين جو باغن رهڻ وارن ۾ ۽ راضپو الله جو سڀ کان وڏي شيءِ آهي. اها

هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ چڱين جاين جو (انجام ائين)، ۽ الله جو راضپو (سڀ کان) تمام وڏو آهي.

هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ ع ٩ ١٥

ئي ڪاميابي وڏي آهي. اي نبي! جهاد ڪر ڪافرن سان

اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي. اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽

وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ۚ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ وَبِئْسَ

۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر انهن تي، ۽ رهائش انهن جي دوزخ آهي، ۽ اها بڇڙي

مُنَ سختي ڪر! ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ اُها جاءِ بڇڙي آهي.

الْمَصِيْرُ ۞٧٣ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ۗ وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ

جاءِ آهي. قسم ٿا کڻن الله جو ته نه ڳالهايو اٿن، ۽ يقينن ڳالهايو اٿن لفظ

الله جو قسم کڻندا آهن ته (پاڻ) نه چيو اٿن، ۽ بيشڪ ڪفر جو ڪلمو چيو اٿن

الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ

ڪفر جو ۽ ڪافر ٿيا مسلمان ٿيڻ کانپوءِ ۽ ارادو ڪيائون اُن جو جنهن کي نه پهتا،

۽ پنهنجي اسلام (آڻڻ) کان پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ جنهن کي پهچي نه سگهيا تنهن لاءِ زور لاتائون. ۽ اِهو

وَمَا نَقَمُوْا اِلَّآ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ

رڳو بدلو پيا وٺن جو آسودو ڪيو هو انهن کي الله ۽ ان جي رسول پنهنجي مهرباني سان،

انهن رڳو هن ڳالھ جو بدلو ڏنو جو الله پنهنجي فضل سان ۽ سندس رسول کين شاهوڪار ڪيو

فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ

پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ته ڀلي آهي انهن لاءِ، ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن ته عذاب ڪندن الله

پوءِ جيڪڏهن توبهه ڪن ته اُنهن لاءِ ڀلي آهي، ۽ جيڪڏهن ڦرندا ته الله دنيا ۽ آخرت ۾

عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ فِى الْاَرْضِ

عذاب دردناڪ دنيا ۽ آخرت ۾، ۽ نه هوندو انهن لاءِ ڌرتيءَ ۾

کين ڏکوئيندڙ عذاب سان سزا ڏيندو ۽ ملڪ ۾ اُنهن لاءِ نه ڪو سنڀاليندڙ ۽ نه ڪو مددگار آهي.

مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۞٧٤ وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ

ڪوئي دوست ۽ نڪي مددگار. ۽ انهن مان ڪن انجام ڪيو هو الله سان ته جيڪڏهن

۽ منجهانئن ڪي آهن جن الله سان انجام ڪيو آهي ته جيڪڏهن پنهنجي فضل

اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۞٧٥

ڏنائين اسان کي پنهنجي فضل مان ته ضرور خيرات ڪنداسون ۽ ضرور ٿينداسون صالحن مان.

سان اسان کي ڏنائين ته ضرور خيرات ڏينداسون ۽ ڀلارن مان ٿينداسون.

فَلَمَّآ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ

پوءِ جڏهن ڏنائين انهن کي پنهنجي فضل مان ته ڪنجوسي ڪيائون اُن ۾ ۽ ڦري ويا ۽ اهي

پوءِ جنهن مهل پنهنجي فضل سان کين مال ڏنائين ته اُن جي ڪنجوسائي ڪيائون ۽ اُهي منهن موڙيندڙ

مُّعْرِضُوْنَ ﴿۷۶﴾ فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ يَلْقَوْنَهٗ

منهن موڙيندڙ ٿيا. پوءِ پليان لاتائين انهن کي نفاق سندن دلين جو ان ڏينهن تائين جو ملندا انهيءَ سان

تي ڦريا. پوءِ (الله) سندن دلين ۾ ڪين سندن ملڻ جي ڏينهن تائين انهيءَ سببان منافقي لاڳو ڪري ڇڏي

بِمَآ اَخْلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوْهُ وَبِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿۷۷﴾ اَلَمْ

هن ڪري تہ پڄاڻون الله سان ڪيل وعدو ۽ هن ڪري تہ اهي ڪوڙ ڳالهائيندا هئا. ڇا نہ

جو الله سان اهو انجام نہ پاڙيائون جيڪو ساڻس ڪيائون ۽ انهيءَ سببان جو ڪوڙ چوندا رهيا.

يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ

ٿا سمجهن تہ الله ڄاڻي ٿو انهن جا راز ۽ انهن جو مشورو ۽ بيشڪ الله گهڻو ڄاڻندڙ آهي

نہ ڄاڻندا آهن ڇا تہ الله سندن ڳجها ۽ سندن پڌرا (سخن) ۽ سندن ڳجهيون صلاحون ڄاڻندو آهي

الْغُيُوْبِ ﴿۷۸﴾ج اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

ڳجهاين جو. اهي ماڻهو جيڪي ٽوڪون ڪن ٿا خوشيءَ سان ڏيندڙن مومنن تي

۽ بيشڪ الله وڏو ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي. اهي اهڙا آهن جو صدقي ڏيندڙن مومنن جي صدقي ڏيڻ ۾ طعنا هڻندا آهن

فِي الصَّدَقٰتِ وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُوْنَ

خيراتن ڪرڻ ۾ ۽ انهن تي جيڪي نہ ٿا لهن مگر پنهنجي پڄندي آهر پوءِ مسخري ٿا ڪن

۽ انهن کي (بہ طعنا هڻندا آهن) جيڪي (مزدوري ڪرڻ جي) محنت کان سواءِ ڪجهہ نہ لهندا آهن ۽ انهن سان مسخريون ڪندا آهن.

مِنْهُمْ ط سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ز وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۹﴾ اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ

انهن تي، مسخري جو بدلو ڏنو الله انهن کي، ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. بخشش گهُر انهن لاءِ

الله (بہ) سندن مسخرين جو ڪين بدلو ڏيندو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. انهن لاءِ بخشش گهرين يا انهن

اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ط اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ

يا نہ بخشش گهُر انهن لاءِ، جيڪڏهن معافي گهُرندين انهن لاءِ ستر ڀيرا تڏهن بہ نہ

لاءِ بخشش نہ گهرين. جيڪڏهن انهن لاءِ ستر ڀيرا بخشش گهرين تہ بہ الله انهن کي نہ بخشيندو.

يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ط ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ط وَاللّٰهُ

بخشيندو الله انهن کي، اهو هن لاءِ تہ نہ مڃيائون الله کي ۽ ان جي رسول کي، ۽ الله

اهو هن سببان آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر کي نہ مڃيو. ۽ الله بي دين قوم کي هدايت نہ

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۸۰﴾ع فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ ع ۱۰

نہ ٿو هدايت ڪري قوم نافرمان کي. خوش ٿيا پوئتي رهيل پنهنجي ويهڻ تي

ڪندو آهي. الله جي پيغمبر جي (جهاد تي) وڃڻ کان پوءِ پٺتي رهندڙ پنهنجي (رهجي) ويهڻ تي خوش

خِلٰفَ رَسُوۡلِ اللّٰهِ وَكَرِهُوۡۤا اَنۡ يُّجَاهِدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ

ابتڙ حڪم رسول الله جي ۽ ناپسند ڪيائون ته جهاد ڪن پنهنجن مالن ۽ جانين سميت

ٿيا ۽ پنهنجن مالن تي پنهنجين جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ ناپسند ڪيائون

فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَقَالُوۡا لَا تَنۡفِرُوۡا فِى الۡحَـرِّ ؕ قُلۡ نَارُ جَهَـنَّمَ

الله جي راهه ۾ ۽ چيائون نه نڪرو گرميءَ ۾، تون چؤ باهه دوزخ جي

۽ پاڻ ۾ چيائون ته گرميءَ ۾ (جهاد لاءِ) نه نڪرو (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، دوزخ جي باهه ڏاڍي گرم آهي.

اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوۡ كَانُوۡا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿٨١﴾ فَلۡيَـضۡحَكُوۡا قَلِيۡلًا وَّلۡيَبۡكُوۡا

سخت گرم آهي، جي اهي سمجهن ها. پوءِ کلن ٿورو ۽ روئن

جيڪڏهن سمجهن ها (ته ائين نه ڪن ها!). پوءِ ٿورو کلڻ گهرجين ۽ گهڻو روئڻ گهرجين.

كَثِيۡرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٨٢﴾ فَاِنۡ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى

گهڻو، عوض انهيءَ جي جيڪي ڪمايائون. پوءِ جيڪڏهن موٽائي توکي الله انهن

انهن (اعمالن) جي بدلي ۾ جو جيڪي ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن الله توکي منجهانئن ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن

طَآئِفَةٍ مِّنۡهُمۡ فَاسۡتَاۡذَنُوۡكَ لِلۡخُرُوۡجِ فَقُلْ لَّنۡ تَخۡرُجُوۡا

جي ڪنهن ٽولي ڏانهن پوءِ اهي موڪل گهرن توکان هلڻ جي پوءِ چؤ توهان هرگز نه هلندؤ

موٽائي نئي ته نڪرڻ لاءِ توکان موڪلائيندا پوءِ چئو ته مون سان ڪڏهن به نه نڪرندؤ

مَعِىَ اَبَدًا وَّلَنۡ تُقَاتِلُوۡا مَعِىَ عَدُوًّا ؕ اِنَّكُمۡ رَضِيۡتُمۡ

مون سان گڏجي ڪڏهين به ۽ هرگز نه وڙهندؤ مون سان گڏجي دشمن سان، توهان پسند ڪيو هو

۽ مون سان گڏجي ڪنهن دشمن سان ڪڏهن به نه وڙهندؤ، ڇو ته اوهين پهريون ڀيرو ويهڻ سان راضي ٿيو

بِالۡقُعُوۡدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقۡعُدُوۡا مَعَ الۡخٰلِفِيۡنَ ﴿٨٣﴾ وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى

ويهڻ پهرئين ڀيري پوءِ ويهي رهو گڏ پوئتي رهندڙن سان. ۽ نه پڙهه جنازو ڪنهن

تنهن ڪري (هاڻي به) پوئتي ويهندڙن سان گڏجي ويهو. ۽ منجهانئن جيڪو مري تنهن

اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمۡ عَلٰى قَبۡرِهٖ ؕ اِنَّهُمۡ كَفَرُوۡا

جو انهن مان جو مري ڪڏهين به ۽ نه بيهه ان جي قبر تي، بيشڪ انهن ڪفر ڪيو

تي بلڪل نماز نه پڙهه ۽ نڪي سندس قبر تي بيهه! بيشڪ انهن الله ۽ سندس

بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَمَاتُوۡا وَهُمۡ فٰسِقُوۡنَ ﴿٨٤﴾ وَلَا تُعۡجِبۡكَ اَمۡوَالُهُمۡ

الله ۽ ان جي رسول جو ۽ مري ويا نافرمان ٿي. ۽ نه عجب ۾ وجهي توکي ملڪيت انهن جي

پيغمبر کي نه مڃيو ۽ اهي بي دين ٿي مئا. ۽ تون سندن مال ۽

وَ اَوۡلَادُهُمۡ ؕ اِنَّمَا یُرِیۡدُ اللّٰهُ اَنۡ یُّعَذِّبَهُمۡ بِهَا فِی الدُّنۡیَا

۽ اولاد انهن جي، رڳو ارادو رکي ٿو الله تہ سزا ڏئي کين ان سان دنيا ۾

سندن اولاد تي عجب نہ ڪر، الله گھرندو آهي تہ ان جي سببان دنيا ۾ ئي کين عذاب ڪري

وَ تَزۡهَقَ اَنۡفُسُهُمۡ وَ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۸۵﴾ وَ اِذَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ اَنۡ

۽ نڪرن ساهہ انهن جا ۽ اهي هجن ڪافر. ۽ جڏهن نازل ڪجي ٿي ڪا سورت تہ

۽ سندن ساهہ ڪفر جي ئي حالت ۾ نڪرن. ۽ جيڪڏهن ڪا سورة (هن لاءِ) نازل

اٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوۡا مَعَ رَسُوۡلِهِ اسۡتَاۡذَنَكَ اُولُوا الطَّوۡلِ

ايمان آڻيو الله تي ۽ جهاد ڪريو گڏجي ان جي رسول سان تہ موڪل گهرن ٿا توکان مالدار

ڪئي ويندي آهي تہ الله کي مڃيو ۽ سندس پيغمبر سان گڏجي جهاد ڪريو تہ منجهانئن آسودا توکان

مِنۡهُمۡ وَقَالُوۡا ذَرۡنَا نَكُنۡ مَّعَ الۡقٰعِدِيۡنَ ﴿۸۶﴾ رَضُوۡا بِاَنۡ يَّكُوۡنُوۡا

انهن مان ۽ چون ٿا ڇڏ اسان کي تہ هجون گڏ ويهندڙن سان. خوش آهن تہ هجن

موڪلائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان کي ڇڏ تہ ويٺلن سان گڏ رهون. ويٺلن (عورتن) سان

مَعَ الۡخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿۸۷﴾

گڏ پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مُهر هنئي وئي انهن جي دلين تي پوءِ اهي نہ ٿا سمجهن.

گڏ هجڻ ۾ راضي ٿيا ۽ سندين دلين تي مُهر هنئي وئي پوءِ اُهي نہ سمجهندا آهن.

لٰكِنِ الرَّسُوۡلُ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ جٰهَدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ

پر رسول ۽ جن ايمان آندو ساڻس جهاد ڪيائون پنهنجن مالن

پر پيغمبر ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جندن سان جهاد

وَاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الۡخَيۡرٰتُ ۫ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۸۸﴾

۽ جانين سميت، ۽ انهن لاءِ ئي آهن ڀلايون ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.

ڪيو، ۽ اِهي آهن جن لاءِ ڀلايون آهن ۽ اِهي ئي ڇٽل آهن.

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ

تيار ڪيا الله انهن لاءِ باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشہ رهندا

انهن لاءِ الله اهڙا باغ تيار ڪيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، منجهن سدائين رهڻ

ع ١١/٩/١٧ فِيۡهَا ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۸۹﴾ ع وَجَآءَ الۡمُعَذِّرُوۡنَ مِنَ الۡاَعۡرَابِ

انهن ۾، اهائي آهي ڪاميابي وڏي. ۽ آيا بهاني وارا ڪي بدوي

وارا آهن، اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي. ۽ بَدوين مان بهاني ڪرڻ وارا آيا تہ کين

لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ سَيُصِيْبُ

جيئن موڪل ملي انهن کي ۽ ويلا رهيا اهي جن کوڙ ڳالهايو الله ۽ سندس رسول سان جلد پهچندو انهن کي

موڪل ڏني وڃي ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبر کي کوڙو ڄاتو سي ويهي رهيا. منجهانئن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٠﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَاۗءِ

جن ڪفر ڪيو انهن مان عذاب دردناڪ. ناهي ڪمزورن تي

ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب سگهوئي پهچندو. نڪي هيڻن تي ۽ نڪي

وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ

۽ نڪي بيمارن تي ۽ نه انهن تي جيڪي نه تا لهن جو خرچ ڪن.

بيمارن تي ۽ نڪي اهي جو جيڪي خرچين سو نٿا لهن تن تي ڪو گناهه آهي.

حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۭ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ

ڪوڏوهه جڏهن سچائي ڪيائون الله ۽ سندس رسول لاءِ. ناهي انهن ڀلارن تي

جڏهن ته الله ۽ سندس پيغمبر جا خيرخواهه هجن. ڀلارن تي ڪو ڏورابو نه

سَبِيْلٍ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩١﴾ وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ

ڪو الزام. ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ ناهي انهن تي ميار جڏهن آيا تو وٽ

آهي. ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ نڪي انهن تي (ڪو گناهه آهي) جي جڏهن تو وٽ آيا ته ڪين

لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۠ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ

ته سواري ڏئين تون انهن کي توچيو نه تو لهان آءٌ اهو جو سوار ڪريان توهان کي ان تي ته موٽيا ۽ اکيون انهن جون

(سواريءَ تي) چاڙهين (۽ تو) چيو ته (ڪا سواري) نه ٿو لهان جنهن تي اوهان کي چاڙهيان تڏهن اهي موٽيا

تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ ۭ اِنَّمَا

وهائن پيون ڳوڙها ڏک کان هن تي جو نه پيا لهن ڪا شيءِ جا خرچ ڪن. رڳو

۽ هن ڏک کان سندين اکيون هنجون هاريندڙ هيون ته جيڪي (الله جي واٽ ۾) خرچين سو نه ٿا لهن! (ڏورابي

السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَاۗءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ

الزام آهي انهن تي جيڪي موڪل گهرن ٿا توکان ۽ اهي آسودا آهن. خوش ٿيا هن تي ته

جي) واٽ رڳو انهن تي آهي جن توکان موڪلايو ۽ اهي شاهوڪار هئا. رهيلن (عورتن) سان گڏ

يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

هجن گڏ پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مهر هنئي الله انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا ڄاڻن.

هجڻ ۾ راضي ٿيا ۽ الله سندين دلين تي مُهر هنئي پوءِ اهي نه ڄاڻندا آهن.

